1. در محمد عرف صبغت الله سومرو
2. رياض حسين ڪلهوڙو

# شاھ جي سُر ليلا چنيسر جو تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو

## Research and critical review of Shah's sur leela chanesar

**_Abstract_**

*There are thirty chapters of Latif's poetry. Among them are some chapters whose titles are the names of the female protagonists that are mentioned in the poetry, such as Sasui, Marui, Suhuni, Sorath, Moomal, Noori and Leela. Jf these seven female protagonists, Leela is the character that achieves her aims easily and she has all the finese and skill to get everything done with freedom to move anywhere. But she misuses her freedom so much that to achieve something she can risk her honour and respect. Shah Latif has suggested the character in her poetry to make amends for the mistakes that Leela has committed. The main characters of this chapter are Leela, Chanesar, and Kaunro. Shah Latif suggests she burn the necklace due to which she is displeased with her husband. In this chapter, the character of Chanesar is portrayed as God-fearing, loving and sober.*

**Key Word:** Leela-Chanesar-Kaunroo-Love-Greed-Necklace-Separation

شاھ عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي جي سُرن مان ڪجھ سر اهڙا آهن جن ۾ شاھ جي ست سورمين جو ذڪر آهي، جنهن ڪي اسين شاھ لطيف جون ست سورميون بہ چوندا آهيون. انهن ستن سورمين مان سسئي، سهڻي، مارئي، سورٺ، مومل، نوري ۽ لِيلا اچي وڃن ٿيون، انهن ستن سورمين مان ڇهن جو تعلق سومرن جي دور سان آهي باقي نوري جو تعلق سمن جي دور سان آهي. انهن ستن سورمين ۾ ”ليلا هڪ اهڙو ڪردار آهي جيڪو آسانيءَ سان مقصد حاصل ڪري ٿي ڪيس هر قسم جي آزادي ۽ هر قسم جون نعمتون ميسر آهن. آزادي جي مقصد کي غلط سمجهي هو پنهنجي مقصود کي بہ دنيوي لالچن اڳيان داءُ تي لڳائڻ ۾ ڪراهت محسوس نٿي ڪري“. (1) لِيلا شاھ سائين جي اها سورمي آهي جنهن کي شاھ

---

[1]. اسسٽنٽ پروفيسر، گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج، نئون ديرو.

[2]. ليڪچرار، آءِ. بي. اي پبلڪ اسڪول، لاڙڪاڻو.

**عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي غلطي تي پنهنجي پرين کان معافي گهرڻ، چنيسر اڳيان نيازي ڪرڻ، ڳچيءَ ۾ ڳارو پائي انڪساري ڪرڻ ۽ نوڙت ڪري ليلائڻ جي صلاح ڏني آهي. هن سُر جا مکيہ ڪردار لِيلا، چنيسر ۽ ڪؤنرو آهن. شاهہ سائين هن سر ۾ لِيلا کي پنهنجي غلطي تي پڇتائڻ، چنيسر سان محبت، حرص ۽ لالچ کان توبہ ڪرڻ ۽ اهو هار جنهن جي حاصل ڪرڻ جي لالچ سبب چنيسر هن کان رُسي ويو، ان هار کي جلائڻ جو ذڪر ڪيو آهي.**

**مٽيو وجهان مچ ۾، هائيءَ هٽان هار،**
**پري جي پتار، تہ مير يائي مان لهان.**
(لِيلا چنيسر 01، 02)

چنيسر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي سورمن مان هڪ سورمو آهي جنهن جي ڪردار بابت ڊاڪٽر سڏايو لکي ٿو تہ "چنيسر جو ڪردار صالح ۽ اهل الله واڳ ڏٺي جوتصور آهي جيڪو پنهنجي ديس ۾ انسان کي آزادي ۽ خوشحالي جي نعمتن سان مالامال ڪري ٿو،ڪيس سماجي سورن ۽ ٻين ڪائيندڙ سورن کان بچاءَ لاءِ پنهنجي ئي ديس ۾ هر ڪا شيءِ موجود ڪري ڏئي ٿو. اهڙي خوشحالي ۽ انسان پروري جي عيوض هو پاڻ سان پنهنجي ڪائنات سان ٻي ڪنهن شيءِ کي ملائڻ نہ ٿو چاهي، ڇو تہ اها شيءِ سندس غيرت ۽ شان خلاف آهي". (2) چنيسر جي ڪردار کي هرڪنهن ارڏو بردبار ۽ محبت ڪندڙ ۽ خدا ترس ڪري ڏيکاريو آهي جيڪو ديول جو بادشاهہ هو، جنهن جي دور مان خبر پوي ٿي تہ هو سومرن جي دور جو مشهور حاڪم هيو ۽ پنهجي گهر واري لِيلا سان تمام گهڻي محبت ڪندو هيو ۽ هن جي محبت ۾ هن کي عيش و عشرت جي هر ڪا شيءِ ڪيس ميسر ڪري ٿو، چنيسر جي اصليت بابت ڪجهہ تحقيقي حوالا هيٺ ڏجن ٿا.
ڊاڪٽر فهميده ميمڻ لکي ٿي

**"داسڙا سماٽ آهن، چنيسر کي راءُ ۽ ڄام سڏيو ويو آهي جيڪو سمن کي سڏڻ جو انداز آهي. ان مان تصديق ٿئي ٿي تہ چنيسر سمون هو. (3)**

جڏهن تہ شاهہ سائين ۽ ٻين شاعرن ڄام ۽ راءِ لفظ فقط سمن لاءِ استعمال نہ ڪيا آهن پر ڄام ۽ راءِ لفظ ڪنهن معتبر شخصيت، حاڪم يا راجا لاءِ بہ استعمال ڪيا آهن، اهڙي طرح حاڪم چنيسر جيڪو سومرن جي دور جو حاڪم (1288 کان 1306 ع) هو، ان کي بہ شاهہ سائين ڄام سڏيو آهي.

**مٽئي تي موهجي، مورهي ڪيءَ مَرڪ،**
**ڇئي چنيسر ڄام سين، وڏو تو فرق،**
**وري ويو ورق، آيءُ ڏنءُ ڏهاڳ جو**
(لِيلا چنيسر 01، 06)

ان کان علاوه شاهه سائين امامن سڳورن کي ٻه سرڪيڏارو ۾ ڇام سڏيو آهي، جنهن مان ڇام سڏڻ جو مقصد معتبر شخصيتن کي ظاهر ڪرڻ آهي ۽ هي اهي شخصيتون هيون جنهن جي رتبي ، شان و شوڪت کان عالم اسلام ته ڇا ! پر ٻين مذهبن جا ماڻهو ٻه چڱي طرح واقف آهن.

**محـرم مـوٽي آيـو، آيـا تان نـه امام،**

**مديني جا ڇام، مولا مون کي ميڙئين**

(ڪيڏارو 01، 03)

ان کان علاوه هڪ شعر ۾ راءِ لفظ استعمال ٿيل آهي جيڪو دودو سومرو ڏانهن اشارو ڪري ٿو.

**"جـــر نـه ڪـٽن ڪـنگرين، راءِ نـه ڳنڍيين ويـڻ،**

**جي گولي ويندي گجرين، ته ٻه چوندا دودي ڀيڻ"(4)**

غلام محمد شهواڻي شاهه جي رسالي ۾ لکي ٿو.

"سومرا گهراڻي جي داسڙن جي ڪاهه مان چنيسر نالي هڪ راجا سن 1288 کان 1306ع تائين ديول ڪوٽ يا ديول بندر جو حڪمران هو. سندس حشمت ۽ حسن جي هر هنڌ اهڙي هاڪ هوندي هئي جو هر ڪا سهڻي عورت سندس سهاڳ لاءِ سڪندي هئي".(5)

مٿيون حوالو ظاهر ڪري ٿو ته چنيسر ذات جو سمون نه هيو ڇاڪاڻ ته ان ۾ جيڪو سن ڏنل آهي ان مان صاف ظاهر آهي ته هي دور سومرن جي دور حڪومت جو آهي ۽ هي اهو ئي مشهور حاڪم چنيسر آهي جنهن جو شاهه سائين پنهنجي شاعري ۾ ذڪر ڪيو آهي ۽ ان کان علاوه هڪ ٻيو حوالو رحيمداد مولائي "شيدائي" جو جنت السنڌ ۾ ٻه موجود آهي.

"سومرن جي حاڪم چنيسر، جنهن جو تخت گاهه ديبل هو، تنهن کي پنهنجي راڻي ليلا سان ازحد محبت هئي..........آخر چنيسر کي هڪڙي رات ڪؤنروءِ جي حوالي ڪرڻ جي شرط تي ليلا هن کان هار ورتو......... ! (6)

مٿيون حوالو پڻ ٻڌائي ٿو ته چنيسر سومرو هيو ۽ پڻ ليلا ۽ چنيسر هڪ ٻئي سان بيحد محبت ٻه ڪندا هئا، پر هار جي لالچ ليلا کي عرش کان فرش تي ڪيرائي ڇڏيو ۽ جيڪا چنيسر جي دل ليلا لاءِ محبت سان ڀريل هئي اها نفرت ۾ بدلجي ويئي ۽ ليلا جي رسوائيءَ جو سبب بڻي. انسان جڏهن حرص ۽ لالچ ۾ هوندو آهي ته ان جي عقل مٿان انڌ جي پٽي اچي ويندي آهي ۽ هو نفعي ۽ نقصان جو خيال نه ڪندو آهي ۽ اهڙي ئي پٽي ليلا جي عقل جي مٿان ٻه غالب ٿي ويئي ۽ هوءَ لالچ ۾ اچي ڦاسي پئي.

شاهه عبدالڪريم ، شاهه عنايت ۽ شاهه عبدالطيف ڀٽائي پنهنجي شاعري ۾ چنيسر کي داسڙو ڪري ڪوٺيو آهي، شاهه لطيف فرمائي ٿو.

**لڳـڻ ڪـري لِـار ، تـو در آيـس داسـڙا!**

**جيئن رسڻ سنديون روح ۾ ، تيئن مون ڀيٽي ناه ڀتار!،**

**سائيـن لـڳ ستـار! مـيٽ مدايـون منهنجيـون.**

(ليلا چنيسر 03، 06)

ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر لکي ٿو تہ تاريخ طبقات ناصري ۽ تاريخ جهان ڪشائي جي لکڻ موجب ”سن 621 هہ بمطابق 1224 ع ۾ ملڪ سنان الدين چنيسر ديبل ۽ سنڌ جو حڪمران هو ۽ اهو زمانو سومرن جي بادشاهي جو هو. پيو تہ چنيسر سومرن حاڪمن ۾ مشهور نالو آهي، ان لحاظ سان چنيسر سومرو حاڪم هو.“ (7)

مٿي ذڪر ڪيل حوالا اهو ظاهر ڪن ٿا تہ چنيسر سومرا گهراڻي جي داستان جي ڪاهہ مان هيو ۽ تاريخ جي لحاظ کان چنيسر جي حڪومت جو دور (1288 ع کان 1306 ع) ۽ سومرن جي دور حڪومت (1050 ع کان 1351 ع) ۾ اچي وڃي ٿو.

ڊاڪٽر فهميده ميمڻ لِيلا جي عقل ڏاهپ ۽ هوشياري جو ذڪر ڪندي چوي ٿي ”مختلف روايتن ڪي پيٽڻ کان پوءِ لِيلا جو جيڪو ڪردار اڀري ٿو سو هڪ ڏاهي عقل واري ۽ سمجهدار عورت جو آهي جيڪا شادي کان اڳ پنهنجي سؤٽ سان مڱيل تہ هئي پر شادي ۾ رڪاوٽون پوڻ سبب چنيسر سان گڏجي ڪي شرط پورا ڪرڻ کان پوءِ ان سان شادي ٿيس جنهن تان چنيسر سندس احسان مند هو“. (8)

عقل جيڪا هڪ قدرتي ڏات آهي ان جو صحيح استعمال بہ هڪ ڏات آهي جيڪڏهن ان پنهنجي تيز دماغ کي ڪنهن صحيح رخ يا گس ڏانهن استعمال ڪبو تہ اهو رخ هڪ بهتر نتيجا ڏئي سگهي ٿو پر ان عقل ۽ فهم کي ناڪاري رستي ڏانهن وٺي وڃبو تہ پوءِ سواءِ پڇتاءَ ۽ پشيماني جي ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيندو. لِيلا جا هڪ عقل واي عورت هئي جنهن کي ٻين شاعرن سان گڏ شاهہ عبداللطيف بہ تسليم ڪري ٿو پر هن پنهنجي عقل کي لالچ ۽ حرص ۾ استعمال ڪيو جنهن جو دروازو صرف ڏکن، ڏوجهرن، دردن، سورن، پڇتاءَ ۽ پشيماني جي گهر طرف ئي وڃي ٿو.

**الا ! ڏاهي ۾ تيان! ڏاهيون ڏک ڏسن،**
**مون سين مون پرين پورائي ۾ پال ڪيا.**
**(لِيلا چنيسر 02، 06)**

شاهہ سائين جو ناصحاڻو ڪلام هر هنڌ ٽڙيو پکڙيو پيو آهي سر ليلا ۾ شاهہ سائين ليلا کي مخاطب ٿي ڪيترو ئي ناصحاڻو ڪلام چيو آهي. جيڪو ظاهري طرح تہ ليلا کي چوي ٿو پر حقيقت ۾ ليلا جي معرفت هر ان بندي کي نصيحت ڪري ٿو. جيڪي لالچ ۽ لوڀ ۾ اچي حقيقي محبوب کي وساري ويهن ٿا ۽ نتيجو سواءِ پڇتاءَ ، ناڪامي ۽ ذلت کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ ٿو نڪري. شاهہ سائين ليلا کي مخاطب ٿي چوي ٿو تہ ٽِڪي نہ ٽجاڻ ۽ لفظن تي ضابطو رکجانءِ چو تہ اڳ ۾ ئي غلطي ڪري چڪي آهين ۽ پنهنجي پرين کي پاڻ کان پرتي ڪرڻ جو سبب بڻئين آهين ۽ پاڻ کي مصيبت ۾ وڌو اٿئي. ان ڪري تون پنهنجي لفظن ۽ گفتار کي مٿو ڪري ۽ نوڙت ڌار تہ جيئن تنهنجو محبوب تنهنجي عيبن کي لڪائي ۽ توتي وڌيڪ نہ ڏمرجي.

**چئي چنيسر ڄام سين ليلا تون ۾ لڪاءِ**
**دوس تنهنجو داسڙو، ڪاند وڏيائي ڪاءِ**
**تہ ڍولو ڏک سندياءِ، عيبن کي آڏو پئي.**
**(لِيلا چنيسر 02، 17)**

ظاهري طرح ته هي ناصحاڻو ڪلام ليلا لاءِ آهي پر شاهه سائين هر ننڍي توڙي وڏي ڪي نصيحت ڪندي چوي ٿو اي بندا تون پنهنجي زبان تي ضابطو رک ۽ ان سان ڪنهن کي به نه ايذاءِ ۽ الله تعالىٰ نهايت ئي صبر ڪندڙ آهي ۽ عيبن کي ڍڪيندڙ آهي، تون به نيازي ڪندو رهه ۽ جيئن هو تنهنجي عيبن کي ڍڪي، هن سر ۾ ناصحاڻو ڪلام جهجهي مقدار ۾ نظر اچي ٿو جنهن ۾ ظاهري صلاح ۽ مشورا به شاهه سائين ليلا کي ٿو ڏئي پر اهي قيمتي نقطا نروار ڪري ليلا جي ڪردار جي معرفت اسان کي ڏنا آهن. هڪ بئي شعر ۾ شاهه سائين مڻئي جو ذڪر ڪندي چوي ٿو ته تون مڻئي تي موهجي پئينءَ، ان مڻئي توکي پنهنجي محبوب کان ڌار ڪيو ۽ ان مڻئي جي محبت ۽ حرص تو کي پنهنجي محبوب جي نظرن مان ڪيرايو يعني مڻئي کي هن دنيا جي حرص ۽ لالچ ،ڌن ۽ زر سان مشاهبت ڪري ٿو ۽ ليلا کي هن دنيا ۾ ڦاٿل حرص ۽ لالچ ۽ زر جي طالبن سان مشاهبت ڏئي ٿو. انسان دنيا جي لالچ ۾ حقيقي مالڪ کي ناراض ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته اصل دولت ته نيڪ اعمال آهن ۽ حقيقي مالڪ سان محبت آهي.

**مڻيو ناه مڻيون، جوتون پسي هار هرڪين،**
**اصل آهي اڳهين، سندو ڪوڙ ڪڻيون،**
**اِن گهوڙن هنئي، گهڻيودوسئان ’ور ڪئون.**
(لِيلا چنيسر 08،01)

عورت جيڪا گهر جي زينت هوندي آهي اها پنهنجي عقل و فهم سان پنهنجي گهر کي جنت مثل ڪري ڇڏيندي آهي پر جڏهن ان جي دل ۾ حرض ۽ لالچ و لوڀ جو ’سلو ڦٽندو آهي ته اها پنهنجي جنت جهڙي گهر کي به کنڊرات بڻائي ڇڏيندي آهي ۽ پوءِ ان جو عقل و فهم ۽ حسن و جمال به ڦڪا پئجي ويندا آهن.

**سيئي سهاڳڻيون، سيني ڳچيءَ هار،**
**پسڻ ڪارڻ پرين جي، سهسين ڪن سينگار،**
**ڊول تنين جي ڊار، هيناهيون هلڻ جي.(12**
(لِيلا چنيسر 03، 03)

شاهه سائين عورت کي پنهنجي’ور جي رضا ۾ راضي رهڻ جو درس ڏنو آهي ۽ ان جي حال تي هلڻ جو درس ڏنو آهي. لِيلا جيڪا اڳ ۾ ئي دنيا وارن جي سازشن جي ور چڙهيل هئي ۽ مختلف ماڻهن جي مختلف حسد ڀريل لفظن ۽ جملن جو شڪار هئي. ڊاڪٽر فهميده ميمڻ لکي ٿي،

**”هڪ ڏوتي باهه ٻاري ته والن وارو جوڳي ڦلاڻي دريءَ کان اچي بيهندو آهي ۽ لِيلا ان سان اکيون اٽڪائيندي آهي ، ٻيو ته جکري وزير سان به لِيلا جي من ميٽ آهي ۽ ٽيون ته لِيلا هر چوڏهين جي رات جادوءَ جي زور تي تنهنجي ننڍ پڙهي گهوڙي تي سوار تي ڦلاڻي تلاءَ تي ويندي آهي ۽ اتان سهيلن سان گڏ ٻڙ**

**جي وڻ تي چڙهي اڏامي وڃي ويرنات جوڳي وٽ محفلون مچائيندي آهي. چنيسر شڪ ۾ پئجي ويو ۽ آخر جانچ ڪندو رهيو“.** (9)

جيئن اڳڪلهه الزام تراشي ، غلط بياني مان ڪم وٺندي ڪنهن ڪي حسد جو نشانو بڻائي ان جي زندگي کي زهر ڪرڻ جهڙو ڪڏو عمل تي رهيو آهي اهڙي قسم جو عڪس لِيلا جي دور ۾ به نمايان نظر اچي ٿو. الزام هڻندڙ اهو نه سوچيندا آهن ته هن ڳالهه جو ڪيڏو وڏو ردعمل نڪري سگهي ٿو ۽ ڪنهن بيگناهه جي زندگي زهر جا ڍڪ پريندي پريندي انت آڻي سگهي ٿي ۽ ان عمل سان ان الزام هڻندڙن جي پلڙي ۾ ڇا پوندو......؟ ۽ هو جڏهن حقيقي مالڪ جي سامهون ويندا ته اهي ڪيئن حقيقي مالڪ جو سامنو ڪري سگهندا؟ ۽ ان جي سزا ته انسان کي هن دنيا ۾ ئي ملي وڃي ٿي ۽ آخرت جو عذاب الڳ...... ! چنيسر انهن اجايو ڳالهين تي ڌيان نه ڌريندو هيو پر جڏهن لِيلا چنيسر کي هڪ هار جي عيوض هڪ رات ڪؤنرو جي حوالي ڪيو ته هن کي گمان اچا وڌيڪ وڪوڙي ويا ۽ اهي الزام جيڪي لِيلا تي لڳايا ويا هئا، انهن جي خلاف هو پاڻ ئي پاڻ سان وڙهي رهيو هو ۽ لِيلا جي پاڪ دامني تي پورو يقين رکندو هيو. پر هاڻي لِيلا جي خطا ۽ غلطي انهن گمانن کي اچا وڌيڪ مضبوط ڪيو. شاهه سائين جي شاعري مان معلوم ٿئي ٿو ته شاهه سائين انهن سمورن الزامن کي رد ڪيو آهي جيڪي لِيلا تي لڳايا ويا هئا ۽ لِيلا کي پاڪ دامن ۽ پنهنجي ور سان سچي محبت ڪندڙ ڏيکاريندي اهڙو ڪلام نه چيو آهي جنهن سان لِيلا جي دامن تي داغ لڳي. شاهه سائين جي نظر ۾ لِيلا جي غلطي فقط هار جي عيوض هڪ رات ٻئي عورت جي حوالي ڪرڻ جي آهي، ان ڪري هو بار بار لِيلا کي نيازي نوڙت ڪرڻ ۽ هو پنهنجي پرين کي پرچائڻ جو درس ڏئي ٿو. ۽ حجتون ختم ڪري فقط عاجزيون انڪسازي ۽ نوڙت ڪرڻ لاءِ چوي ٿو ۽ پنهنجي غلطيءَ جي معافي وٺڻ لاءِ چوي ٿو.

**لِيلا حيلا ڇڏ، جي تون، سوين ! سڪئين**
**پائي پانڌ ڳچيءَ ۾ پاڻ غريبيءَ گڏ،**
**هڏ نه چوڻئ لڏ، جي ڪارون آڻئين ڪانڌ کي**
(لِيلا چنيسر 2، 19)

شاهه سائين لِيلا کي صلاح ڏيندي چوي ٿو ته لِيلا جيڪڏهن روئي رڙي پنهنجي ور کي پرچائي سگهين ته وارو ڪر پنهنجي محبوب کي پرچاءِ، اٿ ! عاجزيون ڪر لِيلاءِ، منٿون ڪر، چاڪاڻ ته تو هڪ وڏي غلطي ڪئي آهي.

**جي ڪارون آڻئين ڪانڌ کي ته روئي ريجهائيج**
**لِيلا ليلائج ، اتيئي ماڳ منٿ جو.**
(ليلا چنيسر 02، 20)

لِيلا جي غلطي وڏي هئي پر چنيسر لِيلا سان تمام گهڻي محبت ڪندڙ هيو ۽ محبت ۾ ماڻهو گهڻي ڪان گهڻيون ۽ وڏيون غلطيون به معاف ڪري ڇڏيندو آهي پر لڳي ٿو چنيسر جي ذهن جي ڪنهن ڪنڊ ۾ لِيلا جي هن غلطيءَ کان سواءِ ماڻهن جون اهي ڳالهيون به ڦري رهيون هيون جيڪي لِيلا کي بدنام ڪرڻ لاءِ ڪيون ويون هيون ۽ سازشون ڪري لِيلا کي چنيسر جي نظرن ۾ ڪيرائڻ جون ڪوششون ڪيون ويون هيون. انهن سمورين ڳالهين کي لِيلا محسوس ڪري ٿي ۽ شاهه سائين انهن خيالن کي سمجهندي ڪيڏو نه لِيلا جي زباني سهڻو اظهار ڪيو آهي.

**ڏِٺُو ڏمرئو ڏسُ ، هنهين هار جـو،**
**سڻهو، سڀ سرتيون ،! وڃ نه ڪنهين وسُ**
**دعوئ پهرئين هُس، پڇيو ٿو پورا ڪري.**
**(لِيلا چنيسر 01، 14)**

لِيلا کي سموري پرک هئي ته چنيسر هن کي آساني سان معاف نه ڪندو پر هن کي ڪهڙي به طرح پنهنجي ور کي پرچائڻو هيو ۽ مايوس ٿي ويهڻو نه هيو ۽ هوءَ پنهنجي پرين کي پرچائڻ لاءِ هر وقت تيار آهي ۽ شاهه سائين به لِيلا کي صلاح ڏيندي چوي ٿو ته جيڪڏهن چنيسر تو سان نه ٿو پرچي ته تون نااميديءَ جون ريکائون منهن تي سجائي بس ڪري نه ويهه ۽ اڳي ڪان وڌيڪ اڳري ٿي عاجزيون ۽ نوڙتون ڪري پنهنجي ور کي پرچاءِ.......!

**جي لِيلا ئي نه لهين، ته پڻ لِيلائيج**
**آسرَ ۾ لائيج، سجڻ ٻاجهيندڙ گهڻو**
**(لِيلا چنيسر 02، 21)**

غلام مصطفيٰ ميمڻ "مشتاق" شاهه جي رسالي جي سر ليلا چنيسر ۾ چنيسر، ليلا ۽ ڪؤنرو جو ذڪر ڪندي چوي ٿو.

**"هن سر ۾ چنيسر کي الله پاڪ ، ڪؤنرو کي شيطان ، هار کي دنيا جي فندن ۽ لِيلا کي صالح روح جي تمثيل ۾ آندو آهي". (10)**

مڙس کي مذاجي خدا ڪري سڏيو ويندو آهي ۽ زال کي ان جي حڪم جو پابند سمجهيو ويندو آهي، ظاهري طرح زال جو مڙس رکوالو هوندو آهي ۽ ان کي ضرورت جي هر شيءِ مهيا ڪرڻ جو ذميوار هوندو آهي. شاهه سائين به پنهنجي شاعري ۾ عورت کي پنهنجي ور جي هيڻائين ڪرڻ ۽ ان جي حڪم جي مطابق هلڻ جي تاڪيد ڪئي آهي ۽ پڻ انهيءَ عمل کي ئي ڪاميابي جو راز سڏيو آهي.

شاهه سائين جي شاعري تي ڳوڙهو ويچار ڪبو ته ان مان صاف ظاهر ٿيندو ته شاهه سائين جي شاعري کي جنهن طرف ڇڪبو ان طرف ڇڪجي ايندي، اها چاهي حقيقي مالڪ ڏانهن ڇڪجي يا ظاهري چنيسر ، راڻي ، ڄام تماچي ، ميهار ، پنهوءَ ڏي ڇڪجي، اها چاهي بندي ڏي ڇڪجي يا سسئي ، لِيلا ، نوري ، مومل ،

سهڻي ڏي چڪجي، ايئن محسوس ٿيندو ته ڄڻ شاهه انهيءَ موقعي جي لاءِ ئي هي شعر چيو آهي ۽ اها ئي هڪ شاعر جي وڏي خوبي هوندي آهي.

اهڙيءَ طرح حقيقي مالڪ ۽ بندي جي وچ ۾ شيطان اچي ويندو آهي ته اهو بندي کي گمراهه ڪندو آهي ۽ الله تعاليٰ ۽ بندي جي وچ ۾ ناراضگي پيدا ڪندو آهي، شيطان بندي جي دماغ ۾ لالچ ۽ لوڀ جو ٻج پوکيندو آهي جيڪو حقيقي مالڪ جي ناراضگي جو سبب بڻجندو آهي ۽ شيطان ڏاهي کان ڏاهي ماڻهو کي به گمراهه ڪري ڇڏيندو آهي. اهڙي طرح ڪوُنرو به چنيسر ۽ لِيلا جي وچ ۾ شيطان جو ڪردار ادا ڪيو ۽ لِيلا جي دل ۾ لالچ ۽ لوڀ وجهي ان کي گمراهه ڪيو ۽ چنيسر ۽ لِيلا جي وچ ۾ ناراضگي جو سبب بڻي. ظاهري طور ته لِيلا تمام ڏاهي ۽ هوشيار هئي پر جڏهن دل ۾ پرين جي محبت جي جاءِ تي لالچ ۽ حرص ديرو ڄمائي ويهندو آهي ته پوءِ عاشق ۽ معشوق جي وچ ۾ ناراضگي يقيني آهي.

**هُئين ته گهڻو هوشيار؟ ڪَل به هيءَ ڪانڌ جي،**
**تـو پـانيو مـوچـاري ٿيان، ڳـچيءَ پائـي هـار؟**
**ڪانڌ ڪوڙيءَ جو نه وڻي ، سئين پتين سينگار،**
**وهـــمُ لهي وينجهار، ڪَيـون پـرکي داسـڙو.**
(ليلا چنيسر 02، 03)

لِيلا ۽ چنيسر جي شادي رات جڏهن سنوڻ پئي ڪيا ويا ته چنيسر کي ڏِکڻ مٿان پير رکايا ويا ان وقت ئي لِيلا جي من ۾ وهمن ۽ وسوسن ديرو ڄمائڻ شروع ڪيو هيو ته هڪ ڏينهن ڪو طوفان ضرور ايندو جيڪو اسان ٻنهي کي الڳ ڪندو، ڇاڪاڻ ته رسمن ۾ بدِسنوڻ ٿيو هو. اهڙي رسم جو اظهار ڪندي شاهه سائين لِيلا جي زباني چوي ٿو.

**ٻُـوجا ڏنـمِ پـير، ڏِکـڻ مـٿي ڏِوِل جا،**
**مون پائيو تنهن وير، کوجهي ڪندو پريئڙي.**
(لِيلا چنيسر 01، 15)

لِيلا جا چنيسر جي دادلي هئي ۽ چنيسر جي پٽ راڻي هئي، جيڪا نه فقط چنيسر جي دل تي پر سموري محل تي ڇانيل هئي ۽ سندس ئي حڪم هلندو هيو ۽ محل ۾ سدائين رونقون لڳنديون پيون هيون ۽ سندس سرتين جو ميڙاڪو متو پيو هوندو هيس ۽ عيش عشرت جي هر ڪا شيءِ ڪيس موجود هوندي هئي، پر هار جي لالچ اهو سڀ ڪجهه ڪائنس کسي ڇڏيو هيس ۽ ان جي حيثيت جي وڃڻ کان پوءِ انهن سيني لمحن ۽ سکن کي ياد ڪري ٿي ۽ اهو احساس شدت سان لِيلا جي اندر کي اڌهي وانگر کائي ٿو ته هڪ هار جي لالچ ۾ اچي هن پنهنجي ور کي وڃايو ۽ ڪيس سهاڳ رسي ويو ۽ ڏهاڳڻ بڻائي ويو!

وڏيري هياس، ميڙو مون گهر سرتين،
هٿ ڇهڻ هار جي، ڪڙي ڪانڌ تياس،
ڏولي ڏيلييياس ، آيم ڏنءُ ڏاڳ جو.
(لِيلا چنيسر 02، 07)

رحيمداد مولائي ”شيدائي“ جنت السنڌ ۾ لکي ٿو.

”چنيسر ڪؤنرو ڪي پان وٽ ڏسي، ڪؤنروءَ ڪي ڏمڪائڻ لڳو، جنهن تي مرڪئينءَ چنيسر ڪي لِيلا جي راز کان واقف ڪيو......... چنيسر چڙ مان لِيلا ڪي طلاق ڏني، جا پنهنجي وطن ۾ رهڻ لڳي“. (11)

چنيسر جي لِيلا کي طلاق ڏيڻ واري ڳالهه تي وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي، باقي ڪافي محقق ان ڳالهه تي متفق آهن ته چنيسر لِيلا کان ناراض ٿيو ۽ لِيلا پنهنجي ابائي گهر هلي ويئي. لِيلا جيترو وقت جيئري رهي چنيسر کي پرچائڻ جي ڪوشش ۾ رهي ۽ پنهنجي غلطيءَ تي هنجون هاريندي رهي.......!

## حوالا


1. سڏايو، غلام نبي، ”شاهه جي شاعري ۾ علامت نگاري“ ڪراچي، آزاد ڪميونيڪيشن، 1992ع، ص 315
2. سڏايو، غلام نبي، ”شاهه جي شاعري ۾ علامت نگاري“ ڪراچي، آزاد ڪميونيڪيشن، 1992ع، ص 315 ۽ 316
3. ميمڻ، فهميده، ڊاڪٽر، شاهه جي شاعري ۾ عورت جو روپ، حيدرآباد، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، 1993ع، ص 383
4. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر ”سنڌ جا سورهيه“ مقالو: مهراڻ چوليون، مرتب سيد حسام الدين راشدي: ڪراچي پاڪستان، پبليڪيشن، پيون ڇاپو 1964ع، ص 127
5. شاهواڻي، غلام محمد، شاهه جو رسالو، حيدرآباد، مدينه پرنٽنگ پريس رسالا روڊ، 1960.61ع، ص 669
6. ”شيدائي“ مولائي،رحيم داد، جنت السنڌ، ڪراچي، آزاد ڪميونيڪيشنز، 2000ع، ص 273
7. سوڍر، شاهنواز، ڊاڪٽر، سنڌي ثقافت ۽ شاهه لطيف، حيدرآباد شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز 1991ع، ص 195
8. ميمڻ، فهميده، ڊاڪٽر، شاهه جي شاعري ۾ عورت جو روپ، حيدرآباد، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، 1993ع، ص 382

9. ميمڻ، فهميده، ڊاڪٽر، شاهه جي شاعري ۾ عورت جو روپ، حيدرآباد، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، 1993ع، ص 383
10. ميمڻ، "مشتاق"، غلام مصطفيٰ، شاهه جو رسالو، شڪارپور، مهراڻ اڪيڊمي واڳنوڊر، 2011ع، ص 134
11. شيدائي" مولائي، رحيم داد، جنت السنڌ، ڪراچي، آزاد ڪميونيڪيشنز، 2000ع، ص 273

**نوٽ: هن مقالي جا سمورا شعر غلام محمد شاهواڻي جي ترتيب ڏنل شاهه جي رسالي سُر ليلا چنيسر مان ورتا ويا آهن.**